اختر ڊبليو انجيلي- ايم ڊي

# ڪراچي ايڊونٽسٽ اسپتال

هيءَ اسپتال هڪ يادگار آهي جيڪا محبت، انسان دوستي ۽ انسانيت جي خدمت جي لاءِ تعمير ڪئي وئي آهي.

گهڻن ماڻهن جي لاءِ ڪراچي ايڊونٽسٽ اسپتال اڃا به "سيون ڊي اسپتال" آهي. هي اداري لاءِ ڪو خراب نالو به نه آهي، جيڪو 18 آڪٽوبر 1951ع کان مسلسل هفتي جي ستن ڏينهن ۽ سال جي 52 هفتن دوران قوم جي خدمت ۾ رڌل آهي.

گهڻا ماڻهو ڪراچي ايڊونٽسٽ اسپتال ۾ ان ڏکهي خانداني رشتي جي ڪري ايندا آهن، جيڪو انهن اسپتال سان قائم ڪيو آهي. هاڻي ئي تازو مسز افشان عزيز جنهن کي 13 نومبر 1995ع ۾ پٽ ڄائو هو، نرسنگ اسٽاف کي ٻڌايو ته 20 کان ڪجھ وڌيڪ سال اڳ هوءَ خود به ان ئي اسپتال ۾ پيدا ٿي هئي.

ڪراچي ايڊونٽسٽ اسپتال سيون ڊي ايڊونٽسٽ چرچ جو منصوبو آهي (ان ڪري سيون ڊي اسپتال نالو پيو) جيڪو چرچ طرفان صحت جتي سارسنڀال جي ادارن جي بين الاقوامي زنجير Chain جي ڪڙي آهي.

پوري دنيا ۾ اهڙن ئي 560 ٻين ادارن وانگر ڪراچي ايڊونٽسٽ اسپتال (ڪي اي ايڇ) به عهد ڪري چڪيو آهي ته رنگ، نسل، سياسي، جاگرافيائي ۽ مذهبي وابستگين جي قطع نظر هوءَ وڌ کان وڌ ماڻهن کي صحت جون سهوليتون پهچائڻ لاءِ جاکوڙيندي رهندي. اسپتال جي "بل بورڊ" تي جيڪو اتر- اوڀر واري ڪنڊ تي نمايان طور لڳايو ويو آهي، ان ۾ دعوا ڪيل آهي ته "اسان سنڀال ڪندا آهيون."

44 سال اڳ افتتاح کان وٺي هاڻي تائين اسپتال پنهنجي ان موٽو (اصول) تي عمل ڪرڻ ۾ هر طرح جي ڪوشش ڪئي آهي. "ڪي اي ايڇ هڪ يادگار آهي جنهن کي محبت، لڳن، انسان دوستي ۽ انساني خدمت جي لاءِ تعمير ڪيو ويو آهي." ايم اي جناح روڊ تي هيءَ عمارت ان يقين جو مظهر آهي ته هر انسان جي زندگي قيمتي آهي، اها املھ آهي ۽ بهتر صحت جي سهوليتن جي حاصلات هر انسان جو بنيادي حق آهي.

هن وقت 138 بسترن تي مشتمل اسپتال جنرل سرجري (روايتي ۽ ليپرو اسڪوپڪ ٻنهي) جنرل ميڊيسن، دل جي بيمارين، ٻارن جي صحت، اکين جي بيمارين، گيسٽرو انٽرولوجي، چمڙي جي بيمارين، اي اين ٽي ۽ هڏي جي بيمارين جي شعبن ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏيئي رهي آهي. اسپتال ايمرجنسي ميڊيڪل ڪيئر، مرض جي شناخت، (ميڊيڪل ليبارٽري ريڊيالوجي) الٽرا سائونڊ، گائنا ڪولوجي ۽ فزيو ٿراپي جي شعبن ۾ به خدمت بجا آڻي رهي آهي.

نه صرف صحت جي مناسب سار سنڀال جي معقول سهوليتن جي فراهمي پر سارسنڀال جي لاءِ معقول پيشہ ور عملي جي تربيت جي لاءِ پڻ ڪي اي ايڇ 1956ع کان پنهنجي اسڪول آف نرسنگ جي شروعات ڪئي جيڪو هاڻي 451 نرسن کي تربيت ڏيئي چڪو آهي، جيڪي هاڻي نه صرف پاڪستان جي مختلف حصن ۾ خدمتون سرانجام ڏيئي رهيون آهن پر انسانيت جي خدمت جي انهيءَ جذبي کي کڻي ٻين ملڪن ۾ پڻ ويون آهن.

"آءَ سيون ڊي اسپتال ۾ انهيءَ ڪري ايندو آهيان جو هن اسپتال ۾ بهترين نرسنگ ڪيئر ڏيندي آهي." اها ڳالھ مسٽر مجيد اڪرم ڪئي، جيڪو ذيابيطس جو مريض آهي ۽ ڪي اي ايڇ جي فزيشنس وٽ علاج هيٺ آهي. اهڙن ئي جذبن جو اظهار ٻين به ڪيترن ئي مريضن ڪيو.

ڪي اي ايڇ اسڪول آف نرسنگ پنهنجي باني جي توقعات تي پورو لٿو آهي. روشنيءَ جي ڪرڻ وانگر ڪي اي ايڇ جي ڪيئر فلاسافي هن اسپتال جي عمارت کان ٻاهر به ڦهلجي رهي آهي.

"سنڌ نرسنگ ايجوڪيشن بورڊ جي هاڻوڪن امتحانن ۾ ڪي اي ايڇ اسڪول آف نرسنگ جي شاگردياڻين سئو سيڪڙو ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ گهڻين شاگردياڻين فرسٽ پوزيشن حاصل ڪئي." هيءَ ڳالھ ڪي اي ايڇ اسڪول آف نرسنگ جي پرنسپل مسز ريناميڪ ڪر ٻڌائي.

ان ۾ حيرت جي اهڙي ڪابہ ڳالھ ڪانهي ته اهڙي شاندار ڪارڪردگي ۽ اداري جي ڪيئر فلاسافي جي ڪري ميڊيڪل جي خدمتن لاءِ ضرورتمند ماڻهو پنهنجي لاءِ "سيون ڊي اسپتال" جي ئي چونڊ ڪن ٿا.

ٻهرين اپريل 1991ع کان اسپتال جي انساني خدمت جي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اسپتال ۾ پبلڪ هيلٿ جي شعبي جو اضافو ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ ئي ايڊونٽسٽ ڊيولپمينٽ اينڊ رليف ايجنسي (ADRA) جو قيام به عمل ۾ آندو ويو. پنهنجي ان لاڳاپيل اداري سان گڏ پبلڪ هيلٿ جو شعبو شهر ۽ پسگردائيءَ جي سڀ کان وڌيڪ ضرورتمند بستين تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڪي اي ايڇ (ADRA) جون ٽيمون بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳائڻ جي مهمن، پاڻي مهيا ڪرڻ ۽ صفائيءَ جي منصوبن، غذائيت جي تعليم، صحت جي لاءِ خطرن متعلق شعور پيدا ڪرڻ وارين مهمن ۾ ڀرپور مدد ڪن ٿيون ۽ ان ۾ شريڪ ٿين ٿيون. هي ٽيمون شهر ۾ رهندڙن ۽ ڏورانهن علائقن جي ماڻهن لاءِ بنيادي سطح تي صحت جي تعليم جي لاءِ سيمينار منعقد ڪن ٿيون.

هيءَ اسپتال جيئن اها اڄ آهي هڪ جوائنٽ ڪميونٽي منصوبو هو. گهڻن خيرات ڏيندڙ ماڻهن ۽ گروپن ان جي تعمير ۾ حصو ورتو هو. پنهنجي "سنڀال ڪرڻ" جي دعوا جي پاسداري ڪندي ۽ زماني جي لاهن چاڙهن کي سهي به پنهنجو وجود برقرار رکڻ جي ڪري اسان هيءَ توقع ڪري سگهون ٿا ته قوم ان جذبي جو مظاهرو ڪندي، جنهن جو اظهار ان پاڪستان ٺهڻ جي شروع وارن چند سالن ۾ ڪيو هو. ايڊمنسٽريٽر مسٽر ڊان شاز شينڊبر جو چوڻ آهي ته هر مريض جيڪو ڪي اي ايڇ ۾ اچي ٿو، وي آءِ پي هوندو آهي ۽ اهڙي ئي سلوڪ جو مستحق هوندو آهي.

هي جذبو اسپتال جي سمورن شعبن ۾ روان دوان آهي. مثال طور: ليبارٽري، بلڊ بئنڪ ۽ ٽرانس فيوزن سروس کي ئي وٺو. سپر وائيزر مسٽر آندرياس عنايت چوي ٿو ته اسان پنهنجي مريضن جي لاءِ واپاري بنيادن تي وڪڻ وارن جو رت قبول ڪندا آهيون ۽ نه ڪنداسين. اسان صرف بهترين ڪوالٽي جو خون چاهيون ٿا، جيئن ته ڪڏهن ڪڏهن ڪمرشل ڊونرز منشيات جا عادي هوندا آهن ۽ انهن جي ميڊيڪل هسٽري معلوم نه هوندي آهي، ان ڪري اسين پنهنجن مريضن لاءِ انهن جي رت جي استعمال جو خطرو کڻي نه ٿا سگهون. ان ڪري مريضن جي گهروارن ۽ رشتيدارن جي حوصلہ افزائي ڪئي ويندي آهي ۽ انهن کي چيو ويندو آهي ته اهي پنهنجي رت جو عطيو ڏيئي هن "سنڀال ڪندڙ اداري" جو حصو ٿي وڃن.

# ماڻهو ۽ ٻيلو

بدر ابڙو

**ٻيلو**، انسان جو ڀھريون اجهو ۽ اڄ به زندگيءَ جو سڀ کان اهم ساٿي آهي. ڇا ٻيلا سچ پچ اهم آهن؟ اڄ ماحوليات جا ماهر چون ٿا ته جيڪڏهن ٻيلا ختم ٿي ويا ته ڌرتيءَ تي ماحول جو توازن ڦٽي پوندو جنهن سبب ايندڙ ڀيانڪ تبديليون اينديون جو ماڻهوءَ جي بقا جي اڳڪٿي ڪرڻ مشڪل آهي.

ٻيلن جي اهميت جو سبق اڄ انسان ڀھريون ڀيرو نه پڙهيو آهي. جڏهن سيتا ديوي رشي والميڪي جي آشرم ۾ هئي ۽ پنهنجن ٻن ننڍڙن پٽن سان جهنگ مان ڪاٺيون ڪري رهي هئي. تڏهن هن کين سبق ڏنو هو ته "ٻارو! وڻن ۾ به ساهه آهي. اهي به اسان ماڻهن وانگر وڏا ٿين ٿا، انهن کي به اسان وانگر احساس آهي، اهي اسان جا ساٿي ۽ دوست آهن جيڪي اسان کي ميوو ڏين ٿا. ڇانوَ ڏين ٿا، ڪاٺ ڏين ٿا ۽ اجهو ڏين ٿا تنهڪري ڪنهن به جيئري يا ساٿي وڻ کي نه وڍيو!"

ٻيلن جي اهميت جو ٻيو پهلو اسان کي فلپائين جي ٻيلن ۾ وڙهندڙ باغين جي گوريلا ويڙهه ۾ نظر اچي ٿو. ڪتاب "ٻيلو" جو ليکڪ وليم پاميرو لکي ٿو ته، "هي وڻ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ نسل در نسل فلپائيني عوام سان گڏ آهن. اهي گوليون کائين ٿا، انهن تي بم ڪرن ٿا، اهي وڍجي وڃن ٿا پر وري ٻيا وڻ ڦٽن ٿا جيڪي هن گوريلا تحريڪ ۾ وڙهندڙ باغين کي پناهه ڏين ٿا."

ٻيلا سنڌ ۾ به آهن پر اهي فلپائين ۽ نيپال جي ٻيلن کان مختلف آهن. فلپائيني ۽ نيپالي ٻيلا جابلو ۽ تمام گهاٽا آهن پر سنڌ جا ٻيلا ٽورا ۽ درياهي آهن. سنڌ جي ٻيلن عوامي جدوجهد جي هيرن کي ڪڏهن لڪايو هجي ته هجي، البت ڌاڙيل خوب لڪا آهن. جابلو ٻيلا ڪيڏا به سهڻا ڇو نه هجن مون کي سنڌ جي درياهي ٻيلن ۾ وڌيڪ سونهن نظر اچي ٿي، خاص ڪري اتر سنڌ ۾.

جيئن ماڻهن تي آفتون نازل ٿينديون آهن تيئن ٻيلن تي به آفتون پونديون آهن. هڪ آفت قدرتي هوندي آهي، ٻي سرڪاري هوندي آهي ۽ ٽين واپاري. قدرتي آفت ۾ جهنگ کي باهه لڳندي آهي، سرڪاري آفت ان مهل ايندي آهي جڏهن اها باغين ۽ ڌاڙيلن جي ڪِڏ پئي ٻيلا وڍيندي آهي ۽ واپاري آفت تڏهن ايندي آهي جڏهن واپاري ماڻهو ٻيلا خريد ڪري يا ٺيڪا وٺي وڻ وڍي دولت ڪمائيندا آهن. اهي آهن ٻيلن جا ڏک! سنڌ جي ٻيلن کي هڪ ته اهو خطرو آهي ته هتي ڪنهن مهل سرڪار ڌاڙيلن کي ماريندي مارينديءَ وڻ وڍڻ جي پاليسي اختيار نه ڪري يا ڪٿي ڇانوٽيون ٺاهڻ لاءِ ٻيلا وڍي پٽ نه ڪري! ٻيو خطرو وري خود ٻيلي کاتي جي عملدارن کان آهي جيڪي ٻيلن جي سنڀال بدران وڻ وڍائي مارڪيٽ ۾ پهچائين ٿا.

نيپال جي ٻيلن ماضيءَ ۾ به وڏا ڏک ڏٺا. هڪ ته وڻن جو اهو قتلام هو جيڪو واپارين ٻيلن ۾ ڪيو ۽ سڄي هندستان ۽ ٻين ملڪن تائين نيپالي ساڳ روانو ڪيو. جڏهن کان نيپال سرڪار وڻن جي قتلام تي پابندي وڌي آهي تڏهن کان ڪاٺ مهانگو ٿيڻ شروع ٿيو آهي. نيپال جي ٻيلن تي ٻي آفت قدرتي هئي. اهو 1945ع جو سال هو جڏهن تاريخ ۾ ڀھريون ڀيرو کٽمنڊو شهر ۾ برف پئي. هن برف باريءَ کٽمنڊو جي اوير وارن ٻيلن ۾ وڏي تباهي آندي ۽ وڻ پاڙي ۾ سڙي ويا، جنهن سبب ٻيلن جي واڌ ته پري جي ڳالهه رهي ڳوٺاڻن جون رواجي گهرجون به پوريون نه پئي ٿيون. اها صورتحال 1952ع تائين هيڪاري گنڀير ٿي وئي. ان کان پوءِ وڃي ڳوٺاڻن اک پٽي ته ٻيلا ڪيڏا ضروري آهن.

ٻيلو عام انساني واهپي لاءِ ڪاٺ ڏيڻ ۾ بخل نه ڪندو آهي، پر ان مهل صفا بي وس ٿي پوندو آهي. جڏهن ماڻهو واپاري مقصدن لاءِ وڻ وڍڻ شروع ڪندو آهي. موتمار پاڙي کان پوءِ ڪجهه واپارين وڻن وڍڻ جا ٺيڪا گهريا هئا ۽ سرڪار لالچ ۾ اچي ڏيئي ڇڏيا. بس پوءِ ته ان لٽ ۾ هر ڳوٺاڻو شامل ٿي ويو. تان جو 1952ع ۾ سيئي هٿ ڇنڊي ويهي رهيا.

ان کان پوءِ سرڪار هڪ رٿا جوڙي ۽ تجرباتي طور تي "نالا ڪو ٿلو بن" Nala ko thulo Ban ٻيلي کي ٻيهر جيارڻ جي ڪوشش ڪئي. 65 هيڪٽرن تي ٻڌل ڪل ٽي پلاٽ ٺاهيا ويا جن تي 750 ماڻهن جو گذر سفر ٿي سگهيو ٿي. ان پلاٽ تي ٻيلو قائم ڪرڻ لاءِ 1952ع کان 1988ع تائين ڪم ٿيو سو به سرڪاري خدمت ۽ ڳوٺاڻن تي ٻڌل رضاڪار پنچائت جي آڌار تي. 1988ع کان پوءِ اهو ٻيلو هاڻي ڳوٺاڻن جي حوالي آهي. ٻيلو سنڀالڻ جو سڄو انتظام وٽن آهي. هو هر سال هڪ پلاٽ مان ضرورتون پوريون ڪندا آهن باقي ٻه پلاٽ ايندڙ سالن لاءِ رکيل آهن. ڪو اپاءُ به ناهي ته 25-25 يا 50-50 هيڪٽرن تي ٻڌل ننڍا ننڍا ٻيلا هٿ ۾ سنڀالڻ کي ڏکيو ڪم ته ناهي!

نيپالي ٻيلي کاتي جي عملدارن جي دعوا آهي ته هنن 1978ع کان هيل تائين ست هزار هيڪٽرن تي ٻيلا پوکيا آهن جن مان 64 سيڪڙو وڻ زنده سلامت آهن. وڻ هڻڻ جي مهم ۾ سرڪار عوام کي سهوليتون به ڏيئي رهي آهي. سرڪار نرسرين ۾ ٻج پوکي هڪ رپئي هڪ جي حساب سان سلا وڪڻي ٿي.

نيپالي جهنگن ۾ ڪم ڪندڙ عملدارن کي ڪجهه تجربا حاصل ٿيا آهن. ڪجهه ٻين تفصيلن لاءِ چوپڙيون موجود آهن. جيڪڏهن سنڌ ۾ اهڙي قسم جو ڪو به پروجيڪٽ شروع ٿئي ته شايد اهي به نيپالين جي تجربن مان سکي سگهن ٿا. مثال طور نيپالي عملدار ان نتيجي تي پهتا ته:

* اهميت ماڻهن کي يعني، ڪميونٽي فاريسٽريءَ کي هوندي.
* ماڻهن کي ٻيلن جي ماهرن تي ڀروسو ناهي جو ته اهي ماضي ۾ رشوت ۽ ٻين معاملن ۾ ملوث رهيا آهن.
* فاريسٽ مينيجمينٽ جا ننڍا پنچز ماڻهن سان گڏجي ڪري سگهجن ٿا.
* ماڻهن کي وڏي پئماني تي جمع ڪري ڪجهه به ڪري سگهجي ٿو.
* في الحال ماڻهن کي اهو سمجهائي ۽ ڪري ڏيکاري سگهجي ٿو جنهن سان کين اهو ئي فائدو ملي جيڪو حاصل ڪري رهيا آهن. پر اهڙيءَ طرح جو ٻيلا بچي وڃن.
* ٻيلي ۾ اڪثر ڪم عورت ڪري ٿي. ان ڪري عورت جو ٻيلي جي معاملن ۾ وڏو هٿ آهي.
* جهنگن جي صورتحال ان کان مختلف آهي جيڪا شهرن ۾ سمجهي وڃي ٿي. جهنگ واقعي موت ۽ زندگيءَ جي جنگ وڙهي رهيا آهن.
* آبادي وڌي پئي، جنهن ڪري جهنگ تباهه پيا ٿين. ماڻهو مستقل طور جبلن تان لهي شهرن ۽ ترائين ڏانهن وڃي رهيا آهن.

ڊپارٽمينٽ ۽ ڪميونٽي وچ ۾ اهڙو ٺاهه ڪيو وڃي جنهن ۾ ٻيلي ۽ ماڻهن جي ڀلائيءَ کي نظر ۾ رکي ڪم ٿي سگهي. سرڪار ۽ ڳوٺاڻن وچ ۾ سڄو معاملو صاف سٿرو هليو. 1973ع ۾ سندن وچ ۾ ڪنهن معاملي تي تڪرار ٿي پيو. جنهن ڪانپوءِ ٻيلي جي سنڀال جو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. ٻيلي کي سنڀاليندڙ عملدارن ڳوٺاڻن کي رضاڪارانه بنيادن تي ڪم ڪرڻ تي اُتساهيو هو ۽ کين ڪجهه اهڙا ماڻهو ڏنا هئا جن کي سڪي پگهار بدران ڳوٺ جي هر گهر مان مقرر وزن جو اَن ٿي مليو. اهڙي طرح ٻيلو سنڀاليندڙ عملدارن جو گذر سفر پئي ٿيو. 1973ع ۾ تڪرار اڀرڻ کان پوءِ اهو سرشتو ختم ٿي ويو.

ان کان پوءِ 1989ع ۾ ٻيلي کاتي جا عملدار وري نالا ڪو ٿالا بن ويا ۽ ڳوٺاڻن سان نيون ڳالهيون ڪيون ۽ ڪجهه شرط شروط قاعدا قانون ٺاهي معاهدو ڪيو. اڄڪلهه ان معاهدي تي ڪم ٿي رهيو آهي. ڳوٺ جي پنچائت انهن قاعدن تي عمل ڪرائي رهي آهي ۽ ان قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن لاءِ سزا به رکيل آهي. اڄ ڪلهه ٻيلو گهاٽو ۽ ڇهڇ ساوو آهي.

مان سوچيان ٿو ته ڇا پاڪستان ۾ قدرتي وسيلن کي ساڳين بنيادن تي ترقي نٿي ورائي سگهجي؟ ڇا سنڌ ۾ هنڌ هنڌ هڙيون قائم نٿيون ڪري سگهجن؟

وسيلن کي ضرورت مطابق استعمال ڪندو هو. فطرت جي ٻين وسيلن جي ضرورت پوري ڪندو هو. يعني جڏهن ان کي بک لڳندي هئي تہ وڻن جا ميوا کائيندو هو ۽ ضرورت وقت سمنڊ مان مڇي ۽ جانورن جو شڪار ڪندو هو. جڏهن باھ کي ايجاد ڪيائين تہ ڪاٺيون صرف ضرورت آھر ڪٽيندو هو پر جڏهن ضرورت جي جڳھ منافعي ورتي تہ اهو ئي انسان جيڪو قدرتي وسيلن کي ضرورت آھر استعمال ڪندو هو اهو ئي هاڻي قدرتي وسيلن کي منافعي جي اک سان ڏسڻ لڳو. يا هيئن چئون تہ ڪالھ جو انسان فطرت جو حصو هو پر اڄ فطرت جي دائري کان ٻاھر نڪري ٻين قدرتي وسيلن کي يا فطرتي مخلوق کي پنهنجي وجود جو هڪ حصو سمجهڻ بجاءِ پنهنجي ذاتي خواهشن جي لاءِ هڪ ذريعو سمجهڻ لڳو. ان تصور هڪ مذهب معاشري ۾ رهڻ جي باوجود کيس هڪ درندو بڻائي ڇڏيو آهي.

هڪ طرف طاقتور انسانن ڪمزور انسانن کي هڪ طرف ڌڪي وڏن وڏن چراگاهن کي هڙپ ڪري پوءِ انهن زمينن کي پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ شروع ڪيو ۽ اتي رهندڙن کي پنهنجو غلام بڻايو. انهن ماڻهن خدا جي زمين تي هر هلائي اُن اپايو پر نفعو طاقتور ماڻهن کي مليو. ”جيڪو کيڙي سو کائي“ وارو تصور ختم ٿي ويو. ”جيڪو ڏاڍو سو ڪابو“ واري تصور جنم ورتو. اهڙي طرح وڏيون وڏيون جاگيرون جاگيردارن جي هٿ اچي ويون، محڪوم قومن ۽ ڪمزور قبيلن جي زمينن تي طاقتور ۽ مسلح قبيلن قبضو ڪري ورتو.

ٻئي طرف قدرتي وسيلن جو بيجا استعمال شروع ٿيو ۽ جڏهن مشينون ايجاد ٿيون تڏهن جاگيرداريءَ جي جڳھ سرمائيداريءَ ورتي. انسان جي هٿان انسان جي استحصال ۾ ڪوبہ فرق نہ پيو. ان ۾ نواڻ اها آئي تہ هاڻ طاقتور قومن ۽ ملڪن غريب ملڪن تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ غريب ملڪن جي ڪچي مال جي ذخيرن کي پنهنجي ڪارخانن ۾ استعمال ڪري نئين شڪل ڏئي قبضي هيٺ آيل علائقن جي منڊين ۾ پنهنجو مال کپائڻ شروع ڪيو. جنهن سان سامراجيت جو بنياد پيو ۽ ٻئي طرف قدرتي ذريعن جي بي حساب استعمال ۽ آباديءَ جي وڌندڙ دٻاءَ سبب قدرتي وسيلن جي کوٽ پيدا ٿي. وڻ جيڪي انساني ضرورتن کان وڌيڪ استعمال ٿيندا هئا، اهي ڪارخانن جي خوراڪ ٿيڻ لڳا. ڪالھ جيڪا زمين برساتن تي آباد ٿيندي هئي اتي انسان جي وڌيڪ نفعي واري سوچ آبپاشي نظام کي جنم ڏنو جنهن ڪري سم ۽ ڪلر پيدا ٿيو. مڇيءَ بہ انڊسٽريءَ جي شڪل اختيار ڪئي ۽ گوشت مارڪيٽ جي زينت بڻجي ويو. ٻيلن جي واڍي شروع ٿي، جهنگلي جانور پکي ۽ ساموندي مڇي ختم ٿيڻ لڳي. زمينون ويران ٿيڻ لڳيون، ڪاڏين جي دونهين ۽ گندگيءَ انسان جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو تہ ٻئي طرف صنعتي علائقن مان نڪرندڙ دونهين صنعتي گدلاڻ کي جنم ڏنو جنهن ڪري اوزون ۾ سوراخ ٿيو ۽ گرمي وڌڻ لڳي. اهڙيءَ طرح اسان جي خوبصورت دنيا جو فطرتي نظام جيڪو جنت جهڙو هيو ذاتي ملڪيت، جاگرداري ۽ سامراجيت جي ڪري تباهيءَ طرف وڃي رهيو آهي، جتي نہ صرف قدرتي وسيلا تباھ ٿي رهيا آهن پر جديد هٿيارن جي بي پناھ استعمال، وڌ کان وڌ منافعي ۽ ذاتي ملڪيت جي خواهش انساني قدرن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ شروع ڪيو آهي.

هاڻي ترقياتي منصوبن ۾ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن جي ذميواري آهي تہ اهي پنهنجي خوبصورت دنيا جو تحفظ ڪن، قدرتي وسيلن جو بچاءُ ڪن، انساني قدرن کي ٻيهر زندھ ڪن، هر هڪ کي پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ جو حق ڏيڻ، حاڪم ۽ محڪوم جو فرق ختم ڪرڻ ۽ اهڙي نظام لاءِ جدوجهد ڪن، جتي آزادي هجي، برابري هجي، بغير ڪنهن جنسي، مذهبي ۽ ٻوليءَ جي فرق جي هر ماڻهوءَ کي بنيادي سهوليتون حاصل هجن.



# ٻيلا ڇو غائب ٿي رهيا آهن؟

**پاڪستان ۾ ٻيلن جي خاتمي جا ٻہ وڏا بنيادي سبب آهن.**

* ٻيلن جو وڃڻ اهو خيال رکڻ کان سواءِ تہ ان سان زمين ۽ ٻي نباتات کي ڪهڙو نقصان ٿيندو ۽ ڪٽيل وڻن جي جاءِ تي نوان وڻ نہ پوکڻ.

* ٻيلن تي ماڻهن ۽ چوپائي مال جو دٻاءُ ۽ وڻن کي عمارتي ڪاٺ، ٻارڻ ۽ چاري (مال جي خوراڪ) حاصل ڪرڻ لاءِ ڪپيو پيو وڃي، وڻن کي باھ ڏيئي ساڙيو وڃي ٿو تہ جيئن پوءِ انهن کي وڍيو وڃي. جڏهن وڻ ڪپيا وڃن ٿا تہ ننڍا ٻوٽا جانور کائي وڃن ٿا ۽ وڻ وڏا ٿي نہ ٿا سگهن.

مريءَ جي پهاڙين، گلگت، سوات ۽ ڪاغان جي وادين ۾ ٻيلن کي سڀ کان وڌيڪ خطرو انهن علائقن جي ماڻهن مان آهي. چترال، آزاد جموں ۽ ڪشمير ۽ اترين علائقن ۾ ٻيلا تجارتي ڪاٺ جي واڍي ۽ عوام جي دٻاءَ ٻنهي سببن جي ڪري تيزيءَ سان ختم ٿي رهيا آهن.

## بنيادي حقيقتون

* پاڪستان جي ٻيلن جي پکيڙ جو 28 سيڪڙو پيداواري ٻيلن تي مشتمل آهي جڏهن تہ 72 سيڪڙو حفاظتي ٻيلا آهن، جن جي ڪاروباري اهميت نہ آهي يا تمام گهٽ آهي.

* پاڪستان ۾ ٻيلن جي خاتمي جا ٻہ وڏا سبب متبادل وڻن پوکڻ کان سواءِ تجارتي مقصدن لاءِ ٻيلن جي ڪٽائي ۽ غريب هارين ۽ انهن جي جانورن جو ٻيلن تي دٻاءُ آهن.

* پاڪستان ۾ هن وقت پرائيويٽ فارم لينڊز مان سرڪاري ٻيلن جي مقابلي ۾ چار ڀيرا وڌيڪ عمارتي ڪاٺ ۽ نو ڀيرا وڌيڪ ٻرڻ لاءِ ڪاٺ مهيا ڪيو وڃي ٿو.

* ٻيلن جي خاتمي سان مٿين علائقن ۾ زمين جي مضبوطي ۽ استحڪام خطري ۾ پئجي وڃي ٿو ۽ پاڻي مان بجليءَ جي پيداوار ۽ آبپاشي نظام کي بہ خطرو ٿئي ٿو.

* ٻيلن جي خاتمي سان دنيا ان حياتياتي اوسر کان محروم ٿي وڃي ٿي، جنهن تي ان جو لازمي دارومدار آهي.

* ڪجھ علائقن ۾ ٻيلن جي تحفظ، انتظام ۽ نون وڻن جي پالنا لاءِ مقامي طور تي ڪيون ويندڙ ڪوششون ڪامياب ٿي رهيون آهن پر قومي سطح تي هاڻي تائين ان سلسلي ۾ ڪابہ وڏي ڪاميابي ڪونہ ٿي آهي.

* ڳوٺاڻيون عورتون جن جي خاندانن جو وڏي حد تائين ٻيلن يا وڻن جي پيداوار تي دارومدار آهي، ٻيلن جي تحفظ جي پروگرام جون وڌيڪ مددگار ثابت ٿيون آهن.

اهڙي طرح بنيادي سطح تي منصوبن تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ غير حڪومتي تنظيمون وڌيڪ مؤثر ثابت ٿيون آهن.